16
16
16
15
63

مهرباني ڪري هر هڪ سوال جو پيراگراف
لڳاتار وڌايو، باقي بلڪل درست آهي

شاباس

# سوال نمبر: ٣

2579

FAYAZ A. SOOMRO

## جواب :

### تعارف :

سنڌي ٻوليءِ بابت عالمن
جا مختلف نظريا ملن ٿا. سنڌي ٻوليءِ
جي قدامت جي بابت مختلف عالمن
پاڻ ۾ اختلاف ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءِ
جي بڻ بنياد بابت سنڌي عالمن جا
ٽي وڏا نظريا ملن ٿا. جنهن ۾ ڊاڪٽر
مرزا قليچ بيگ، ڪاڪو ڀيرومل، ڊاڪٽر
گربخشاڻي جو نظريو آهي ته سنڌي
سنسڪرت مان نڪتل آهي. ڊاڪٽر نبي
بخش بلوچ جو چوڻ آهي ته سنڌي سنسڪرت
جي اڳ واري قديم ٻوليءِ جي ست مان
هئي ۽ ٽيون نظريو ڊاڪٽر سراج
ميمڻ ڏنو جنهن چيو سنڌي سنسڪرت
جي ڄاڻي نه پر سنسڪرت سنڌي جي
ڄائي آهي.

# ۱. سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت پهريون نظريو:

انگريزن جي دور ۾ سنڌي رسم الخط جي ڪوشش ٿي، جنهن ڪري ان جي قدامت ڳولهڻ جي به ڪوشش ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ پهرين ڪوشش ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ سرگريئرسن ڪئي.

## سرگريئرسن جو نظريو:

سرگريئرسن جو چوڻ آهي ته سنڌي ٻولي سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل آهي.

## ڊاڪٽر ٽرمپ جو نظريو:

ڊاڪٽر ٽرمپ به سرگريئرسن جي نظريي جي حمايت ڪندي چيو آهي ته "سنڌي ٻولي سنسڪرت مان پالي ۾ شؤر سيني، اپڀرنش ۽ وراچڊ اپڀرنش جي معرفت پارهين هندي جي هاڻوڪي صورت ورتي".

Scanned with CamScanner

سنسڪرت
↓
پراڪرت
↓
پالي
↓
شوڙ سني
↓
اپڀرنش
↓
وراچڊ اپڀرنش
↓
سنڌي

## متاثر ٿيڻ وارا اديب:

١. جي الانا
٢. مرزا قليچ بيگ
٣. ڪاڪو ڀيرومل

## نظريي جو تت:

سنڌي ٻولي جي قدامت
بابت پهرين نظريي جي تت هي آهي
آهي ته سنڌي ٻولي سنسڪرت جي
ڌي آهي ۽ ان مان ڦٽي نڪتي آهي

## ب. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد

## بابت ٻيو نظريو:

سنڌي ٻوليءَ جي حسب نسب
ڳولهڻ جي جاکوڙ هلندي رهي ۽
ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
هڪ ٻيو نظريو ڏنو،

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو نظريو:
ڊاڪٽر صاحب جي نظريي
مطابق سنڌي ٻولي سنسڪرت کان
اڳ واري دور جي قديم ٻولي آهي.
آثار قديمه مان مليل مواد جي بنا
تي ڊاڪٽر صاحب چوي ٿو،
"سنڌ جو جهونو تمدن هڪ سامي زبان
جو تمدن آهي نه ڪي آرياڻي. انهي
ڪري چئي سگهجي ٿو ته قديم سنڌي
زبان به سامي زبان جي صنف هئي
جنهن تي پوءِ آرياڻي ٻولي جو اثر
ٿيو. ان بعد پالي ۽ پراڪرت ذريعي
سنسڪرت جو."

سنڌي ٻولي سامي صفت

↓

آريائي ٻولي جو اثر

↓

پالي ۽ پراڪرت ذريعي

↓

سنسڪرت جو اثر.

نظريي جو تت:

هن نظريي موجب سنڌي ٻولي سامي زبان يعني (عربي، عبراني، حبشي ۽ سرياني) جي صفت آهي. جنهن جي ايراني ۽ داردي ٻولين جو اثر پيو ۽ پوءِ پالي ۽ پراڪرت ذريعي سنسڪرت جو. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ موجب سنڌي سنسڪرت جي پيڙهه آهي.

ب. سنڌي ٻولي جي بڻ بڻياد بابت ٽيون نظريو:

سنڌي ٻولي جي قدامت بابت سنڌي عالمن جو ٽيون نظريو هي آهي ته سنڌي ٻولي سنسڪرت

مان نه بلڪي سنسڪرت سنڌي ٻوليءَ مان نڪتي آهي. ڊاڪٽر سراج ميمڻ
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي نظريي جو تنقيدي جائزو ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته "سنڌي ٻولي سنسڪرت جي جائي نه پر سنسڪرت سنڌي جي جائي آهي."

نظريي جي پٺڀرائي:
ڊاڪٽر سراج پنهنجي نظريي جي پٺڀرائي سنڌي آمريڪي آرڪيالاجسٽ "ڊاڪٽر نوح" جو حوالو ڏيندي چيو آهي
سنڌي ماڻهو اوله ڏي يعني بابل ۽ ميسوپوٽيميا جي طرف پنهنجي ٻولي ۽ تهذيب کڻي ويا. سندس خيال موجب بابل ۽ سمير جي تهذيب جي سنڌي تهذيب يعني موهن جي دڙي واري تهذيب تي اثر پيا. ان وقت جيو آهي ته سميري ماڻهو اهڙي تمدن کي ڊلمون سڏيندا هئا، جيڪا سنڌو اوير ۾ هئي، جنهن لاءِ سنڌ دل ۾ سارا هئي تقيد تمندي هئي.
ڊاڪٽر جو خيال آهي ته اهو موهن جي دڙي ڏي اشارو آهي، جتان سميري شيون پڻ لڌيون ويون آهن.

سنڌي جو اثر پيو

↓

بابل ۽ ميسوپوٽيميا جي
ٻولين تي

↓

سنسڪرت تي.

نظريي جو تت:.

ڊاڪٽر سراج جي نظريي
جو تت هي آهي ته سنڌي ٻولي
سنسڪرت جي ماءُ آهي ۽ سنسڪرت
ان مان ڦٽي نڪتي آهي.

پ. نظريي جي طرفداري:

سنڌي ٻولي جي سيني نظرين
کي ڏسندي هي، پتي سگهجي ٿو ته
سنڌي عالمن سنڌي ٻولي جي قدامت
بابت مختلف نظريا ڏنا آهن پر جنهن
نظريي تي اڪثر عالمن متفقا راءِ ڏني
آهي، اهو هي آهي ته سنڌي ٻولي
سنسڪرت جي ڌيءُ نه آهي.

Scanned with CamScanner

خليل:

١. سنڌي ٻوليءَ مان آڳو سنسڪرت، فارسي ۽ عربي جا سڀ لفظ خارج ڪيا وڃن، ته به ٻيوڙو مضالمو ترتيب ڏئي سگهجي ٿو.

٢. سنڌي گرامر سنڌي کي سنسڪرت مان الڳ ڪري ٿي.

٣. سنڌي جي سنسڪرت مان نڪرڻ جي تقويت منهب جي بنا تي ڪئي آهي

٤. سنسڪرت وارو خيال ان تي ٻڌل آهي ته هندستان جو جملي ٻوليون سنسڪرت مان نڪتل آهن، تنهن ڪري گمانئي خيال ڏنا ويا آهن.

٥. آريا ملتان ۽ ڪشمير وٽ قائم هئا ۽ ايراني زبان مقامي زبان تي اثر ڇڏيندي رهي. ان وقت سنسڪرت گنگا جمنا ۾ ارتقائي منزلون طئي ڪري چڪي هئي ۽ سنڌ ۾ سنڌي رائج هئي ۽ ٥٠٠ قبل مسيح تائين دارڊي ٻولي جو اثر ٻوندو رهيو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا جا اصول:

ڊاڪٽر غلام علي الانا

ڪن ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ٻولين جي تقابلي مطالعي ڪرڻ لاءِ چند اصول

پيش ڪيا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

۱. صوتي هڪجهڙايون
۲. لفظن جي ذاتن جون هڪجهڙايون
۳. ضمير ۽ حرفن جي هڪجهڙائي
۴. اسمن ۽ فعلن جي گردان ۾ هڪجهڙايون.
۵. گردانن جي بناوت جا هڪجهڙا اصول

ڊاڪٽر صاحب موجب اگر زبانن ۾ هڪجهڙايون موجود آهن ته ايئن جيئن سگهجي ٿو ته هڪ زبان ٻئي مان ڦٽي نڪتي آهي يا ٻئي زبانون ڪنهن هڪ ساڳي زبان مان نڪتل آهن. ان ڳالهه موجب سنڌي ۽ سنسڪرت ٻئي بولي مان نڪتل آهن ۽ ان اصلوڪي ٻولي جو انشر ڊاڪٽر صاحب ڪلڪو پيرومل جي نظريي سان ڏنو آهي. جنهن سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظ جي معنى پيش ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته سنسڪرت يعني بگڙيل ٻولي پراڪرت يعني اصلوڪي ٻولي جي سڌاريل ۽ اجاريل صورت آهي.

ان مطالعي مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته سنڌي سنسڪرت جي شاخ نه پر ٻنهي جو بنياد پراڪرت جي هڪ ئي لهجي يعني وراچڊ اپڀرنش آهي.

## سوال نمبر - ٦

جواب :

### ڪلهوڙن جو دور :

مغل دور کان پوءِ ارڙهين
عيسوي ۾ ڪلهوڙن سنڌ تي حڪومت
ڪئي. ان دور ۾ سنڌي زبان کي عروج
حاصل ٿيو ۽ نيون صنفون ايجاد ٿيون.
ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي زبان
ارتقائي منزلون طئه ڪري رهي هئي.
هن دور ۾ وڏا عظيم شاعر ٿي
گذريا هن دور ۾ شاهه عبدالطيف
ڀٽائي ۽ شاهه عنايت رضوي پنهنجي
شاعري سان سنڌي نظم کي مالامال
ڪيو. ڪلهوڙن جي دور ۾ صوفيانه
شاعري سان گڏوگڏ مذهبي شاعري
کي به پذيرائي ملي. هن دور ۾
ڪافي، وائي، غزل، مناجات، مولود،
مناقبا ۽ مداح به چيا ويا. ڪلهوڙن
جي دور جي ادب کي ان جي
ورهاڱي سگهجي ٿو

# مذهبي شاعري:

ڪلهوڙن جي دور ۾ مذهبي شاعري عربي رسم الخط ۾ ڪئي ويئي. مذهبي شاعري الف اشباع جي نظم جي موجب ڪئي ويئي ۽ ڏوهڙا بيت چيا ويا جنهن کي ڪٽ سڏيو ويندو هو. مذهبي شاعرن ۾ تمام وڏا شاعر ٿي گذريا آهن، جيڪي هيٺ ڏنل آهن

۱. **مخدوم ابوالحسن ٺٽوي:**

مخدوم ابوالحسن ٺٽوي نماز جي مسئلن بابت ڪتاب لکيو جنهن جو نالو "مقدمة الصلوات" آهي. مخدوم صاحب سنڌي رسم الخط جوڙيو جنهن جي ابوالحسن جي سنڌي چيو ويندو هو. مخدوم صاحب چون ٿا:

جوڻون رڪوع سجدي ۾، ڪرڻ ويرم آ
قدر تسبيح هيڪڙي، توڙي ٽي پيرا.

۲. **مخدوم ضياءُ الدين:**

مخدوم ضياءُ الدين مذهبي شاعري جو هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. جنهن اسلام جي بنيادي اصولن تي نظم چڪرايو آهي. مخدوم صاحب فرضن تي ڏاڍو زور ڏيندي چئي ٿو ته:

Scanned with CamScanner

سائيون ڇم ويڙهون فرض جون، سي تون سکيج
بيان تن جو علمدو، آخر ۾ پڙهيج.

٣. **مخدوم محمد هاشم ٺٽوي:**

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي
تقريباً ٣٠٠ ڪتاب لکيا آهن جنهن ۾:
راحت المؤمنين ، فرائض الاسلام شامل
آهن. مخدوم هاشم چون ٿا:

مسئلا اسلام جا، پڇي سي سکجا
پڙهيو پاڙيو تن کي، جيکي ڄيوندا
ته ڪري رحم رحمان، ساجهو سينيا
ڪري ڪرم ڪريم، قٽي بخش تم خطا.

## صوفيانه شاعري:

ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي
شاعر صوفيانا انداز اپنايو ۽ تصوف ۽
حقيقت جا خيال عام عوام تائين پهچايا
هن دور جا سڀ کان وڏا شاعر هيٺ
ڏجن ٿا.

١. **شاه عنايت رضوي:**

شاه عنايت رضوي شاه
ڀٽائي رحه جي همعصر هو. شاه صاحب
تصوف ۾ محبت کي مذهب تي ترجيح
ڏني. شاه صاحب جي شاعري ۾ منظرنگاري،
فطري نگاري، جمالي انداز ۽ سماجي

حالتون پڻ ظاهر ٿين ٿيون شاهه عنايت سنڌي زبان جو پهريون شاعر آهي، جنهن جو مڪمل رسالو ملي ٿو.

٢. **شاهه عبداللطيف ڀٽائي:**

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو نه بلڪي سڄي دنيا جو عظيم شاعر آهي. شاهه ڀٽائي جي شاعري ۾ تصوف، حقيقت ۾ محبوب جي عشق جا ايٿار ملن ٿا. ڪارلائل جي اصولن مطابق جيڪي هڪ عظيم شاعر جون خصوصيتون بيان ڪريون ٿيون، سي تمام شاهه ڀٽائي جي شاعري ۾ ملن ٿيون. شاهه ڀٽائي رح جي جي شاعري کي ٽن پاڱن ۾ سمجهي سگهجي ٿو.

i. تاريخي داستان: شاهه ڀٽائي نيم تاريخي داستان جهڙوڪ مومل راڻو، تماچي، سورٺ راءِ ڏياچ کي تمثيلي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن سان سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب به ظاهر ڪئي اٿس

ii. مجازي شاعري: شاهه ڀٽائي رحه پنهنجي مجازي خدا کي محبوب سان پيٽي پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو آهي، جنهن ۾ منظر نگاري ۽ فطرت نگاري جا به اثر موجود آهن.

ڀٽائي صاحب پنهنجي مجازي محبوب لاءِ
چوي ٿا ته:

محسن سڄڻ ايري، جوراسي جيندن
ٻالاڪري ٻرين، سڀ اونداهي ٻاٽيان.

2. صوفيانه نصيحت:

شاهه ڀٽائي (رح) داستانن جي دردناڪ قصن کي نصيحت طور پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ جدوجهد، قرباني ۽ مشڪلات کي منهن ڏيڻ جي نصيحت ڏني آهي.

3. خواجه محمد زمان لنواري:

خواجه محمد زمان لنواري نقشبندي سلسلي جو صوفي هو. شاهه صاحب جي خواجه صاحب سان ويجهي محبت هئي. خواجه صاحب معرفت کي وڌي ترويج ڏني ۽ فقيرانگي راهه جو امامي. لنواري صاحب اسلام ۽ تصوف کي هڪ نقطي تي بيان ڪري ٿو.

قول شريعت، ڪم طريقت، هيڏي حقيقت جو
معرفت ملوه، پهروري پسيون،
شاهه عبداللطيف جا خواجه صاحب ميڙي
ٿو.

Scanned with CamScanner

سڀني ڏٺو هن، ته ڏسي حيرڪيا
جيئن لڳي رام، ويهي تيئن وهه ٿو.

## نيون صنفون:

ڪلهوڙن جي دور ۾ نيون صنفون پڻ ايجاد ٿيون، جنهن سنڌي زبان کي وڌيڪ سونهن ڏني. نين صنفن ۾ مولود، ڪافي وائي، مناجات، مناقبا، غزل ۽ معجزا شامل آهن.

۱. ڪافي ۽ وائي: هن دور ۾ ڪافي ۽ وائي کي گهڻي آبيرائي ملي. اڪثر شعر ڪافي جي انداز ۾ چيا ويا. اتر واري پاسي ۾ هن کي ڪافي سڏيو ويجي ٿو ۽ لاڙ ۾ ان کي وائي ڪوٺيو وڃي ٿو.

۲. مولود: مولود جي معنيٰ آهي "نئون ڄاول ٻار". مولود ۾ حضور پاڪ ﷺ جي تعريف بيان ڪئي ويندي آهي.

۳. مداح: مداح ۾ هڪ ذاتي سڳوري جي حمد و ثنا ڪئي ويندي آهي ۽ سندس رحم ۽ عرم گهريو ويندو آهي.

٤- مناجات: مناجات شاعري جي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ شاعر خدا کان سوال ڪندو آهي. مناجات ۾ رسولن ۽ اوليا، ولين کان به سوال ڪيو ويندو آهي.

٥- غزل: غزل لفظ جي معنيٰ آهي عورت سان ڳالهائڻ جي يا عورت جي حسن جي تعريف ڪرڻ. ڪلهوڙن جي دور ۾ غزل جي صنف به ايجاد ٿي، جيڪا اڳتي هلي تمام گهڻي مقبول ٿي.

## ثبت:

هن ڳالهه مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ڪلهوڙن جو دور هڪ سنهري دور هو، جنهن سنڌي زبان کي هڪ نئين منزل طئي ڪرائي. نه صرف مذهبي شاعري بلڪي صوفيانه شاعري ۾ نيون صنفون جهڙوڪ غزل، ڪافي، وائي، مولود، مداح ۽ مناجات به ڪلهوڙن جي دور ۾ رائج ٿيون.

16

# سوال نمبر - ٧

## جواب :

### تعارف :

افسانو سنڌي ادب جي
هڪ اهم صنف آهي، جيڪا انساني
ڪردارن جو اثرائتو عڪس ۽ تذڪرو
آهي. افسانو زندگي جي اهم پهلو
کي اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي.
افسانو مختلف دور ۾ فني لحاظ
کان مختلف منزلون طئه ڪيون آهي
۽ هاڻوڪي دور ۾ ڪهڙي جدت آڻي
آهي.

### افسانو ڇا آهي.

افساني بابت مختلف
ماهرن مختلف وصفون ڏنيون آهن.
هڪ امريڪي افسانه نگار ايڊگر ايلن
پو چيو:
"نثر جي اهڙي ننڍي ڪهاڻي
يا ننڍو قصو، جيڪو هڪ ئي ويهڪ
۾ پڙهي اڌ ڪلاڪ يا وڌ ۾ وڌ هڪ

Scanned with CamScanner

۾ پڙهي پورو ڪري سگهجي، پر شرط اهو آهي ته سنو تاثر رکندڙ هجي"

پريمچند جو چوڻ آهي ته:
"زندگيءَ جي ڪنهن به رخ يا جذبي کي افسانو ظاهر ڪري سگهي ٿو."

## افساني جون خوبيون:

افساني ۾ هيٺ ذڪر ڪيل خوبيون هجن ٿيون:

1. مختصر: افسانو مختصر ڪهاڻي يا واقعو هجي ٿو، جنهن جي ڪهاڻي قصو ويهي ۾ پڙهي سگهجي ۽ مزو ماڻجي.

2. حقيقت جو رنگ: افساني جا ڪردار حقيقت زندگيءَ جي شعبي مان کنيا ويندا آهن، جنهن سان حقيقت جو عڪس ظاهر ٿيندو آهي.

3. عمل ۽ ڪردار نگاريءَ جو توازن: افساني ۾ ڪردارن ۾ عمل جو توازن برقرار رکيو ويندو آهي.

Scanned with CamScanner

جيئن ڪهاڻي ٻڌي، نمونو اڳتي
وڌي.

٤. اتحاد عمل، زمان ۽ مڪان:
افساني ۾ عمل، وقت
۽ جڳه جو اتحاد هجڻ لازمي آهي.
انسان جو قول ۽ عمل ۾ تضاد نه
هجي. يعني هڪ ئي وقت ۾ انسان
ظالم ۽ همدرد نٿو ٿي سگهي.

٥. اهم واقعو صرف هڪ هوندو آهي:
افساني جي ڪهاڻي ۾
صرف هڪ واقعو هوندو آهي، جنهن
کي اڳتي وڌايو ويندو آهي پر افساني
جو بنياد صرف هڪ واقعو هوندو آهي.

٦. آغاز ۽ انجام:
افساني جو آغاز ۽ انجام
پاڻ ۾ ڳنڍيل هجن ته ڪي افسانا
نگار افساني جو آغاز آخري انجام
سان ڪندا آهن، ته ڪي وري
وچ مان شروع ڪندا آهن.

Scanned with CamScanner

## سنڌي افساني ۾ جدت:

سنڌي افساني ۾ فني
لحاظ کان جدت آئي آهي. سنڌي
افسانو پنهنجي ابتدا کان هيل تائين
مختلف دورن جو مرحلو طئي ڪري
هاڻوڪي شڪل اختيار ڪئي آهي
افساني جي جدت کي سمجهڻ
لاءِ مختلف دورن ۾ سنڌي افساني
جي اوسر ڏسڻي ٿي.

### ١. اوائلي دور:

هن دور کي تعميراتي
دور سڏيو ويندو آهي. جنهن ۾
شروعاتي عمل ٿيو افساني جو بنياد
"راڻو ڏياچ" جي افساني کي چيو ويندو
آهي. جيڪو [illegible] ۾ ڇپيو. هن دور
جو افسانو بنيادي هيو ۽ معياري هو.

### ٢. ٻيو دور:

هن دور کي ترجمي وارو
دور سڏجي ٿو. جنهن ۾ مختلف افسانا
ترجما ٿيا. هن دور ۾ ٻين معياري ويتر
ترجمي ورتي. جنهن جي ڪري هن

ڏور جي افسانن ۾ جنگي جذبو،
آزاديءَ جو جوش مضمون هيٺ رهيو
هن ڏور ۾ سماجي حالتن تي پڻ
زور پريو ويو.

## ٽيون ڏور

هن ڏور ۾ افسانو
عظيم منزلون طئي ڪيون. هن ڏور کي
انقلابي ڏور سڏيو ويندو آهي، جنهن
ڪري افسانن ۾ آزاديءَ جي تحريڪ،
بغاوت ۽ عالمي نظريا پڻ زير بحث
رهيا. هن ڏور ۾ فني سٽاءُ جو
گهٽ لحاظ نه رکيو ويو، پر جوش،
جذبي ۽ همت ڀري زور ڏنو ويو.

## هاڻوڪو ڏور

هاڻوڪو ڏور تنقيدي
ڏور ڄاتو سگهجي ٿو، جنهن ۾
افسانو صرف آزاديءَ جي تحريڪ لاءِ
مضمون نه ڪيو ويو، پر سياسي،
سماجي ۽ معاشي ۽ معاشرتي، اقتصادي،
زندگيءَ جا مسئلا ۽ مقامي ماحول ۽
نفسياتي، حقيقت نگاري جو پهلو
به رکيا ويا.

# افسانو (جدت)

↓

پهريون دور ← اولائي دور
شروعات

↓

ٻيو دور ← ترجمي وارو دور
زاءِ خياج
آزادي جي جدوجهد

↓

ٽيون دور ← سياسي، سماجي
بغاوت، ظالمن جي ظلم

↓

هاڻوڪو دور ← سياسي، سماجي، معاشي
معاشرتي، حقيقت (حقيقي)

16

نت:

هن مان ثابت ٿئي ٿو ته
افسانو تمام منزلون طئي ڪري
جدت آڻي آهي جيڪا ان جي
مضمون، فني سٽاءَ مان ظاهر ٿئي
افسانو زندگي جي هر پهلو جي
ترجماني ڪري ٿو. سنڌي افسانو
سنڌي ادب جي هڪ بهترين صنف
ثابت ٿي آهي

Scanned with CamScanner

# سوال نمبر - ٧

## جواب :

### ١. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

**تعارف :**
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو. بي اي جهونا ڳڙهه مان پرائي پوءِ ايم اي ۽ ايل ايل بي علي ڳڙهه مان حاصل ڪئي. ڊاڪٽر صاحب آمريڪا مان پي ايڇ ڊي ڪيائين جنهن کان پوءِ سنڌ اچي خدمت ڪئي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي ادب جو هڪ ناميارو اديب آهي.

**ادبي خدمتون :**
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي ادب توڙي لوڪ ادب ۾ به وڏو هٿ آهي. ڊاڪٽر صاحب مرزا قليچ بيگ کان پوءِ وڌ کان وڌ ڪتاب (٥٠) لکيا ۽ پاڻ مڃرايو.

Scanned with CamScanner

## سنڌي ادب جي مختصر تاريخ:

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

سنڌي ٻولي جي قدامت ۽ بڻ بڻياد بابت هن ڪتاب ۾ هڪ الڳ نظريو ڏنو. جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب چيو ته:

"سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نه نڪتي آهي بلڪه سنسڪرت کان اڳ واري دور جي هڪ قديم ٻولي آهي".

## ٻيلن جا ٻول:

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

نه صرف سنڌي ٻولي جي ارتقا جي تحقيق ڪئي پر سنڌي لوڪ ادب جي به تحقيق ڪئي، جنهن ڪري هو لسٻيلي جي پوري علائقي جو تفصيلي دورو ڪيو. ڊاڪٽر صاحب اتان جي لوڪ ادب کي سهيڙيو ۽ هن ڪتاب ۾ قلمبند ڪيو. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته:

"لسٻيلي جي شاعري، عام سنڌي شاعري جو هڪ پاڳو آهي ۽ جنڪ بهترين پاڳو".

## جامع سنڌي لغات:

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي لغت کي پنجن جلدن ۾ سهيڙي نموني پيش ڪيو. ڊاڪٽر صاحب "سنڌي اردو لغت" ۽ "اردو سنڌي لغت" پڻ تيار ڪئي.

## مختلف شاعرن جو ڪلام:

ڊاڪٽر صاحب مختلف سنڌي شاعر جهڙوڪ حمل فقير، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ مير سانگي جي شاعري کي ڪلام ڪري گڏ ڇپرايا آهي. جن ۾ هيٺ ڏنل شاعرن جي شاعري شامل آهي.

١. ڪليات حمل
٢. ڪليات سانگي
٣. شاهه جو رسالو
٤. شاهه لطف الله جو ڪلام
٥. ميين شاهه عنايت جو ڪلام

Scanned with CamScanner

## ب. مرزا قليچ بيگ

### تعارف:

مرزا قليچ بيگ ٽنڊي ٺوڙهي ۾ پيدا ٿيو. جتان ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب بمبئي مان بي اي حاصل ڪئي ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رٽائر ٿيو. بلڪه مرزا صاحب سنڌي کان علاوه عربي، فارسي، انگريزي، اردو، ترڪي جي ڄاڻو هئي.

### ادبي خدمتون:

مرزا قليچ بيگ سنڌي ٻولي جو هڪ عظيم شاعر ۽ اديب آهي. مرزا صاحب ۳۰۴ ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ ترجمي وارا ڪتاب گهڻا لکيا اٿس. مرزا صاحب جي خدمتن جي ڪري "شمس العلماء" سڏيو ويو. مرزا صاحب مختلف ناول، ڊراما ۽ تحقيق پڻ ڪئي آهي.

Scanned with CamScanner

مرزا قليچ بيگ هڪ ئي وقت ناول، افسانو، آتمڪٿا، ڊرامو، تصوف، لسانيت، لطيفيات، سائنس، شاعري، مذهب ۽ لغت جي شعبن جي لکيو آهي.

**ناول:** مرزا قليچ بيگ سنڌي ٻولي جو پهريون ناول "دلارام" لکيو. جيڪو سنڌي ٻولي جو پهريون طبعزاد ناول هو. ان کانپوءِ مرزا صاحب "زينت" لکي پاڻ مڃرايو. مرزا قليچ بيگ ٻين ٻولين جي ناول جا به ترجما ڪيا جنهن ۾ سچي محبت، گلن جي ٽوڪري، گليور جو سفر شامل آهن

**ڊرامو:** مرزا قليچ سنڌي ٻولي جو پهريون ڊرامو لکڻ جو تاج پنهنجي سر پاتو "ليلا مجنون" سنڌي ٻولي جو پهريون ڊرامو هو. مرزا بيگ خورشيد، شاهه ايليا، حسنا دلدار، گلزار ۽ گلنار، شهزادو بهرام ٻڌ لکيا، جيڪي شيڪسپيئر جي ڊرامي جا ترجما ٿيل آهن.

Scanned with CamScanner

15

## فلسفو ۽ اخلاقيات:

مرزا قليچ بيگ "بيڪنس ايسيس" (Bacons Essays) کي ترجمو ڪيو ۽ "مقالات الحڪمت" جو نالو ڏنو. جنهن جي ٻولي نهايت آسان ۽ سولي لکي.

## تاريخ ۽ تحقيق:

مرزا قليچ بيگ تاريخ ۽ تحقيق تي ٻه وڏا ڪتاب لکيا. سنڌي تاريخ جو وڏو بنيادي دستاويز "چچ نامه" کي به ترجمو ڪري آسان ۽ عام ٻولي ۾ لکيو "قديم سنڌي" جيڪو فارسي ۾ لکيل آهي، اهو پڻ ترجمو ڪيو.

## شاعري:

مرزا قليچ بيگ سنڌي شاعري پڻ ڪئي، جنهن ۾ انساني همت ۽ عظمت، تصوف ۽ لطيفيات جو به ذڪر ڪيو آهي. مرزا صاحب چوي ٿا:

"مشڪل ۾ پوڻ ته آسان ۽ مشڪل ٿي پوي ٿو
پاڻي اندر تيرڻ سان، دريائ جو ڊپ لهي ٿو."

ٻي هنڌ مرزا صاحب فرمائي ٿو:

"وڏا اچ ٻنڌن جا ٿيا، زيردست
سڀ سپ بخيلن، اڳيان ٿيا خوار"